National Seminar

# The Kashmir Cause: Socio-economic Projections



CPSD

CENTRE FOR PEACE, SECURITY AND DEVELOPMENTAL STUDIES

CPSD
CENTRE FOR PEACE, SECURITY AND DEVELOPMENTAL STUDIES

# قومي سيمينار

## ڪشمير مسئلو ۽ ان جا سماجي ۽ معاشي خاڪا

سينٽر فار پيس اينڊ ڊولپمينٽ اسٽڊيز(CPSD)پاران ڪشمير جي مسئلي جو نئون رخ سامهون آڻيندي وادي ۾ پيدا ٿيندڙ نئين سماجي توڙي معاشي موقعن تي تجزيو ڪيو ويو. ان جو بنيادي مقصد ڪشمير کي هڪ تقراري علائقي طور پيش ڪرڻ بدران اتان جي ثقافتي، سماجي توڙي معاشي تاثرن کي اڳيان آڻڻ هو. اهو سيمينار 27 فيبروري 2018ع تي موو ان پڪ هوٽل ڪراچي ۾ ڪوٺايو ويو

سيمينار ۾ چار اهم شخصيتن هيٺين موضوعن تي ڳالهايو

ڪشمير، تبديل ٿيندڙ دنيا جو منظر نامو ۽ نوان چئلينجز ۽ موقعا
اڳوڻو سفير نجم الدين شيخ

ڪشمير ۾ ٿيندڙ هترادو سماجي ۽ ڊيموگرافڪ تبديليون، اڳوڻو سفير عارف ڪمال

ڪشمير ۾ نئين سماجي ۽ معاشي اميدن ۽ موقعن جي تخليق ۽ ان ۾ سماجي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙن
جو ڪردار، چوڌري محمد سعيد، راندين، نوجوانن ۽ ثقافت جو وزير منگلا ڊيم معاملن جو صلاحڪار ۽ آزاد ڪشمير جو ايم ڊي اي

ڪشمير ۽ معاشي ۽ سماجي خاڪا، تعارف ۽ پڄاڻي تي خطاب پاران ليفٽننٽ جنرل رٽائرڊ آغا محمد عمر فاروق، اڳوڻو سفير ۽ صدر سي پي ايس ڊي



افتتاحي خطاب:

لیفٽننٽ جنرل رٽائرڊ آغا ايم عمر فاروق، صدر سي پي ايس ڊي

سي پي ايس ڊي صدر سيمينار جي افتتاحي خطاب ڪندي خطي ۾ تبديل ٿيندڙ منظر نامي جو تعارف پيش ڪندي ان ڳالھ تي زور ڏنو تہ ڪشمير جي حوالي سان پاڪستان کي مضبوط نقطي نظر جوڙڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن مقامي، قومي ۽ عالمي سطح تي پاڪستان جي ڪوشش کي ميراثي سگهجي.

انڪري پاڪستان کي عالمي سطح تي ڪشمير مسئلو سافٽ پاور يا سفارتڪاري ذريعي دنيا اڳيان پيش ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ڪشميرين جي حق خود ارادیت واري مسئلي ڏانهن بہ ڌيان ڇڪائجي. سافٽ پاور وقت جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪشمير جي موجود حالت ويجهڙ ۾ تبديل ٿيڻ جي اميد ناهي، تنهنڪري ڪشمير مسئلي کي اڳيان آڻڻ لاءِ متبادل طريقا استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي. آمريڪا ۽ ڀارت جي نئين اسٽريٽجڪ پائيواري ان امڪان کي وڌيڪ ڇنو ڪري ٿي تہ ڪشمير ۾ حالتون ساڳيون ئي رهنديون ، انڪري موجوده وقت ۾ ان جي مزاحمت صرف سافٽ پاور ذريعي ئي ڪري سگهجي ٿي. هن پنهنجي دليل ۾ رابرٽ ڪپلان جي ٿيوري آف ڪمنگ انارڪي جو مثال ڏنو، جيڪو مستقبل کي هڪ پيش 'تهذيبي نهراءَ' پيش ڪري ٿو جنهن کي ٽوڙڻ ۽ نوان نقطي نظر جوڙڻ لاءِ ضروري آهي تہ 'تخليقي انارڪي' جو استعمال ڪيو وڃي. ليفٽننٽ جنرل رٽائرڊ فاروق وڌيڪ وضاحت پيش ڪندي چيو تہ ڪيئن ڪشمير ۾موجود صلاحيتن ۽ لياقتن کي استعمال ۾ آڻي ڪشميرين جي بهتري لاءِ اتان جي معاشي ۽ سماجي حالتن کي تبديل ڪري سگهجي ٿو. ڪشميري رياست جون صلاحيتون اتان جي 74 سيڪڙو خواندگي ذريعي بہ سمجهي سگهجن ٿيون.آخر ۾ ان ڳالھ تي زور ڏنو ويو تہ ڪشمير جي ترقي لاءِ ضروري آهي تہ اتان جي انساني صلاحيتن کي ڀرپور نموني استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي.

نجم الدين شيخ، اڳوڻو سفير

نجم الدين شيخ ڳالھ کي اڳتي وڌائيندي ڪشمير، دنيا جو تبديل ٿيندڙ منظرنامو، نوان چئلنجز ۽ موقعا تي ڳالهايو. ان موضع تي عالمي لاڳاپن جي نظر سان ڏسندي هن سفارتي ليول تي پاڪستان جي ناڪامي تي ڏک جو اظهار ڪندي چيو تہ ڀارت پاڪستان کي عالمي سطح تي دهشتگردي کي هٿي ڏيندڙ ملڪ قرار ڏيڻ جي پروپئگندا ڪئي آهي تہ ان سان گڏ ڪشمير جي آزادي واري تحريڪ پويان پڻ پاڪستان جو هٿ ڄاڻائيندو رهيو آهي،



انڪري پرڏيهہ ۾ مقرر پاڪستاني سفيرن کي گهرجي تہ اهي ڪشمير مسئلي کي دنيا اڳيان گهڻ رخي نقطي نظر ذريعي پيش ڪن تہ جيئن

## عالمي شعور ۾ ڪشمير جو مسئلو وڌ کان وڌ اجاگر ڪري سگهجي

### چوڌري محمد سعيد. راندين ۽ نوجوانن جي معاملن وارو وزير



چوڌري محمد سعيد ڪشمير ۾ ڀارتي ظلم جي داستان ٻڌائيندي چيو ته ڪيئن ڪشميرين جي زخمن تي مرحم رکڻ لاءِ انساني خدمتن سان گڏ خطي ۾ وڌيڪ سيڙپڪاري ڪرڻ جي ضرورت آهي. سندس موضوع ڪشمير ۾ نئين سماجي ۽ معاشي اميدن ۽ موقعن جي تخليق ۽ ان ۾ فلانٿراپسٽس جو ڪردار هو. هن ان ڀارتي دعويٰ کي رد ڪيو ته ڪشمير جي حالتن جو ذميوار ٻاهريون ڌريون آهن، هن ٻي اهم ڳالهه دنيا جي مختلف حصن ۾ رهندڙ ڪشميرين بابت ڪئي، جنهن موجب 21 لک ڪشميري صرف يورپ کنڊ ۾ رهن ٿا. اهي ڪشميري وڏي انگ ۾ پرڏيهي ناڻو پنهنجي اباڻي وطن موڪليندا آهن ۽ ڪشمير جي جدوجهد کي عالمي سطح تي پهچائڻ ۾ سندن بنيادي ڪردار آهي. گڏو گڏ هن ڳالهه تي پڻ زور ڏنو ته ڪراچي هڪ معاشي ڳڙهه هجڻ ڪري هتان جي واپارين کي ڪشمير تائين پنهنجو واپار وڌائڻ گهرجي ته جيئن مقامي سرمائي کي پڻ گڏ ڪري سگهن

### عارف ڪمال اڳوڻو سفير

عارف ڪمال سيمينار ۾ ڪشمير ۾ سماجي ۽ ڊيموگرافي سان ٿيندڙ هٿ چراند تي خطاب ڪندي گڏيل قومن جي اداري جي ڪشميرين جي قسمت بابت کنيل قدمن تي روشني وڌي. هن ڀارتي



حڪمران جماعت بي جي پي جي ڪشمير ۾ پنهنجي مفادن آهر جمون ۽ ڪشمير جي ڊيموگرافي سان هٿ چراند بابت ٻڌايو. هن ڪشمير ۾ بي جي پي جي سماجي توڙي ڊيموگرافڪ تبديلين وارين ڪوششن کي اسرائيل ڀاران والاريل فلسطين ۽ ڏکڻ آفريڪا جي نسل پرستي واري دور جي حڪومت سان ڀيٽيو. هن پاڪستان تي زور ڀريو ته هو بي جي پي جي ڪشمير واري پاليسي جي مزاحمت ڪندي ڪشميرين جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي شناخت کي تبديل ڪرڻ وارين ڪوششن کي روڪڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. اصل ۾ بي جي پي جي ڪشمير بابت نئين پاليسي اتي مستقبل ۾ ٿيندڙ ڪنهن حق خود ارادیت واري فيصلي کي نظر ۾ رکندي ڪئي پئي وڃي.

مجموعي ڳالھ ٻولھ جو سيشن:

ان ڪانپوءِ مجموعي ڳالھ ٻولھ جو سيشن تي گذريو ، جنھن ۾ ڪشمير جي مقامي انٽرپرينيئرز جي ڪردار بابت روشني وڌي وئي تہ ڪيئن ھو اتي وڏيڪ سيڙپڪاري ڪري سگھن ٿا. ان دوران ان ڳالھ تي پڻ بحث ٿيو تہ دنيا جي مختلف حصن ۾ رھندڙ پاڪستاني ڪشميرين جي سياسي سماجي طور بھتري ۾ ڪيئن ڪردار ادا ڪري سگھن ٿا. گڏو گڏ اھو معاملو بہ بحث ھيٺ آيو تہ سي پيڪ ڪشميرين جي خوشحالي ۾ ڪيئن ڪردار ادا ڪري سگھي ٿو.

اختتامي تبصرو

جنرل رٽائرڊ آغا محمد عمر فاروق پڄاڻي دوران خطاب ڪندي چيو تہ ڪراچي پاڪستان جي معاشي طور ڪرنگھي واري ھڏي جي ھيثيت رکي ٿو، تنھنڪري ان ڪي ڪشمير جي سياسي معاشي بھتري ۾ متحرڪ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ھن انھن علائقن جو ذڪر پڻ ڪيو جتي سيڙپاڪاري ٻنھي ڌرين لاءِ مثبت ثي سگھي ٿي. ڪشمير ۾ سياحت کي ھٿي ونرائي سگھجي ٿي، جنھن لاءِ انساني ترقي جا وسيلا ڪراچي فراھم ڪري سگھي ٿي. واپارين جو مٿيون طبقو ۽ ميڊيا انڊسٽري ڪشمير جي ثقافت ۽ بيانيي کي سينيما ۽ ڊرامن ذريعي دنيا اڳيان آڻي سگھجي ٿو.

ان سان گڏ پاڪستاني رياست تعليم جي ميدان ۾ پڻ نوان موقعا فراھم ڪري سگھي ٿي. پاڪستاني يونيورسٽيون ڪشمير جي شاگردن کي ايڪسچينج پرگرام ذريعي موقعا فراھم ڪري سگھن ٿيون، جنھن ۾ ٻنھي خطن جي ماڻھن وچ ۾ ثقافتي سان گڏ ٻين معاملن ۾ ھم آھنگي وڌندي. زراعت واري شعبي ۾ پڻ گڏجي ڪم ڪري سگھجي ٿو. پاڪستان جي معيشت زراعت تي ٻڌل آھي، ان شعبي ۾ پائيواري سان ڪشميرين سان گڏ ملڪ جو فائدو پڻ ٿيندو. اھي صلاحيتون زراعت ۾ جديد مشينري ۽ ٽيڪنالاجي جي استعمال سان وڌائي سگھجن ٿيون.

آخر ۾ ڪشميرين جي ترقي لاءِ واپارين کي معاشي موقعا پيدا ڪرڻا پوندا تہ جيئن سندن مجموعي زندگي بھتر ٿي سگھي. ساڳي طرح مائيننگ، جنھن مان پڻ گھڻا فائدا ھاصل ڪري سگھجن ٿا. ھن وڌيڪ چيو تہ ڪراچي جي انساني ڀلائي واري روح کي استعمال ڪندي ڪشميرجي مسئلي کي اجاگر ڪري سگھجي ٿو پر ان سان گڏ ڪشمير ۽ پاڪستان ۾ نوان موقعا پن پيدا ڪري سگھجن ٿا. سيمينار جو خاتمو ان ڳالھ تي ڪيو ويو تہ مٿيئن ڳالھين کي پاليسي ٺاھيندڙ لاڳاپيل ڌرين سان پڻ ونڊي ويندي تہ جيئن موجوده پاليسين تي نظر ثاني پڻ ٿي سگھي.

